# پُلصراط جا
# 7 مرحلا

**27 Shab-e-Qadr 1446H**



## اجتماعِ شب قدر

(For Islamic Brothers)

اجتماع شب قدر

27 مارچ، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 26 رمضان شريف 1446ھ) تي

پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# پُلصراط جا 7 مرحلا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿... شبِّ قدر ملائڪن جي نزول جي رات
- ✿... خواب ڏسي ڪري وار اڇا ٿي ويا
- ✿... بي نمازيءَ جون ٽي شامتون
- ✿... صِلہ رحمي جا 10 فائدا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

**For Feedback**: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصراط تي نُور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا درود شريف پڙهي، ان جا 80 سالن جا گناهہ معاف ٿي ويندا.

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود — بار بار اور بے شمار دُرود
بے عدد اور بے عدد تسلیم — بے شمار اور بے شمار دُرود

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! درودِ پاڪ جي بہ ڇا نرالي شان آهن! پُل صِراط، جيڪو وارن کان بہ وڌيڪ باريڪ، تلوار کان تيز ۽ اونداهيءَ ۾ ٻڏل آهي، هتي دنيا ۾ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضور درودِ پاڪ جا نظرانا پيش ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پُل صِراط تي نور ملندو، جنهن جي روشنيءَ ۾ پل صراط پار ڪرڻ آسان ٿي پوندو.

علامہ ابن جوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: قيامت جي ڏينهن، جڏهن ماڻهو پُل صِراط تان گذري رهيا هوندا، ان وقت سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جو نور چمڪندو، جيڪو پُل صِراط تان گذرڻ وارن کي ڏڪي ڇڏيندو، جنهن کي چهره مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُور جو جيترو حصو نصيب ٿيندو، انهي جي مطابق اهو اوترو ئي جلدي پُل صِراط پار ڪندو.

قيامت جي ڏينهن اهو پاڪ نور، درودِ پاڪ پڙهڻ جي مطابق ڏنو ويندو. جيڪو

دنيا ۾ جيترو گهڻو درودِ پاڪ پڙهندو، ان کي اوترو ئي وڌيڪ نورِ مصطفیٰ نصيب ٿيندو ۽ اهو اوتري ئي جلدي پُل صِراط کي پار ڪري ويندو[1].

| | |
|---|---|
| پُل سے اُتارو راہ گزر کو خبر نہ ہو | جِبریل پر بِچھائیں تو پر کو خبر نہ ہو |
| کانٹا مِرے جگر سے غَمِ رُوزگار کا | یُوں کھینچ لیجیے کہ جِگر کو خبر نہ ہو |
| فریاد اُمّتی جو کرے حالِ زار میں | ممکن نہیں کہ خیرِ بشَر کو خبر نہ ہو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[(2)]

اي عاشقانِ رسول! سني نيت جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي- اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلّمِ دين سکڻ جي لاءِ سجو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا وليُ الله تي گذريا آهن، پاڻ کي سيد الطائِفَه (يعني وليُن جو سردار) به چيو ويندو آهي. پاڻ سلسلہ عاليہ قادريہ جا 11 هان شيخِ طريقت آهن، جڏهن ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه 17 هان شيخ آهن. يعني ضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه، پيرَن جي پير، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي پيرَن مان آهن. هن مان اندازو لڳايو ته پاڻ ڪيڏي نه بلند مرتبي واري هستي هوندا.

1... بستان الواعظين، مجلس فى ذكر الميزان و الصراط، صفحہ:84 بتصرف
2... بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

تذڪرةُ الْاولياء جيڪو خواجه فريد الدين عطار رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو لکيل ڪتاب آهي، ان ۾ لکيل آهي: حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي زندگيءَ جو جڏهن آخري وقت آيو ته پاڻ سجدي ۾ ڪري روئڻ شروع ڪيو. ماڻهو هيءَ حالت ڏسي تمام گهڻو حيرت ٿيا، انهن عرض ڪيو: سائين! توهان ته تمام وڏا عبادت گذار آهيو(توهان روزانو 400 نفل پڙهندا هئا، 20 سال ايئن گذاريا جو ڪڏهن تڪبيرِ اوليٰ به فوت نه ٿي، **هر نماز تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت ادا ڪندا هئا، سڄي رات الله الله ڪندي گذاريندا هئا)** اُن جي باوجود **آخري وقت ايترو روئي رهيا آهيو، ان جو سبب ڇا آهي؟**

هاڻي وليُن جي سردار حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو ايمان افروز، دل کي تڙپائڻ وارو ۽ خوفِ خدا کان لرزائڻ وارو جواب ٻڌو! پاڻ فرمايائون: مان هن وقت کان وڌيڪ ڪڏهن به روئڻ جو محتاج نه هئس، اهو چئي ڪري پاڻ قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مصروف ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ فرمايائون: هن قرآنِ پاڪ کان وڌيڪ منهنجو ڪوبه همدرد نه آهي، مان هن وقت پنهنجي سڄي عمر جي عبادتن کي هوا ۾ لٽڪندي ڏسي رهيو آهيان، جنهن کي تيز هوا جا لوڏا هيڏانهن هوڏانهن لوڏي رهيا آهن، مان نٿو ڄاڻان ته هيءَ هوا منهنجي عبادتن کي الله پاڪ جي حضور پيش ڪندي يا انهن کي دور ڪري ڇڏيندي. ٻي طرف مَلَڪُ الموت ۽ پُل صِراط آهي ۽ مان قاضي عادل (يعني الله پاڪ) جي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهيان، **نه ڄاڻ ته مون کي جنت ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويندو يا دوزخ ڏانهن ڌڪيو ويندو!**

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خواجه جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو خوفِ خدا ڏسو! ڪيترو عظيم هو، آخري وقت ۾ به اسان کي نصيحت ڪري ويا ته: اي انسانو ! ۞ ڪڏهن به پنهنجي اعمال تي ڀروسو نه ڪجو ۞ پنهنجي عبادتن تي تڪيو نه ڪجو ۞ الله پاڪ وڏو بي نياز آهي ۞ بس هر وقت الله کان ڊڄندا رهو!!... ها! ها! ۞ پُل صِراط اوهان جي سامهون آهي ۞ اهو خطرناڪ رستو، جيڪو دوزخ جي مٿان گذري ٿو ۞ افسوس! ان پُل تان گذرڻ تمام ڏکيو هوندو ۞ نه ڄاڻ ان مان گذري جنت ۾ وڃڻ نصيب ٿيندو يا دوزخ جي اوندهه ۾ ڪري، الله جي عذاب ۾ گرفتار ٿيڻو پوندو، **لهٰذا** اي انسانو!!... هميشه الله پاڪ کان ڊڄندا رهو، سندس خوف ۾ اکين مان لڙڪ وهائيندا رهو!!...

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم | ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی!

## شبِ قدر ملائڪن جي نازل ٿيڻ جي رات آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ رمضان شريف جي 27 هين رات آهي ۽ اڪثر عالمن جي نزديڪ رمضان شريف جي 27 هين رات ئي شبِ قدر هوندي آهي. [1] لهٰذا اسان اميد ڪيون ٿا تہ الحمد للّٰه! اڄ شبِ قدر آهي ۞ اَڄ مغفرت جي رات آهي ۞ رحمت جي رات آهي ۞ اَڄ اها رات آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي ۞ اَڄ سلامتي جي رات آهي ۞ اَڄ فرشتن جي زمين تي نازل ٿيڻ جي رات آهي- حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان روايت آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن شبِ قدر ايندي آهي تہ الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبريل عَلَیْہِ السَّلَام هڪ سائو جهنڊو کڻي ملائڪن جي وڏي لشڪر سان زمين تي نزول فرمائيندا آهن ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبي شريف تي ڦڙڪائيندا آهن. هڪ روايت مطابق انهن فرشتن جو تعداد روءِ زمين جي ڪنڪرين کان بہ وڌيڪ هوندو آهي، اهي سيئي سلامتي ۽ رحمت کڻي نازل ٿيندا آهن- حديث پاڪ ۾ آهي: حضرت جبريل عَلَیْہِ السَّلَام جا 100 بازو آهن، جن مان 2 بازو فقط انهيءَ رات کوليندا آهن، اهي بازو اوڀر ۽ اولهہ ۾ پکڙجي ويندا آهن، پوءِ حضرت جبريل عَلَیْہِ السَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن تہ جيڪو مسلمان اَڄ رات نماز يا ذڪرُ الله ۾ مشغول آهي ان سان سلام ۽ مصافحو ڪيو ۽ انهن جي دعائن تي ”آمين“ چئو! پوءِ ملائڪ سندن حڪم تي عمل ڪندا آهن ۽ صبح تائين اهو سلسلو هلندو رهندو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄ برڪتن واري رات آهي، الله پاڪ اَڄ جي هن مبارڪ رات جي صدقي اسان سڀني جي بي حساب مغفرت ۽ بخشش فرمائي- اسان کي

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطاً۔
2... شعب الایمان، باب فی الصیام، فصل فی لیلۃ القدر، جلد:3، صفحہ:336، حدیث:3695۔

پُل صِراط کان نجات عطا فرمائي۞ الله پاڪ اَڄ جي رات جو صدقو عطا فرمائي تہ اسان جو پُل صِراط تان بحفاظت گذر ٿي وڃي، ان خطرناڪ راهہ تي اسان جا قدم نہ ٿِڙن۞ ڪاش! پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رَبِّ سَلِّم جي صدا لڳائي رهيا هجن، اسان انهيءَ دل فزا ۽ اطمينان بخش آواز تي وجد ڪندي ڪاميابي ۽ ڪامراني سان پُل صِراط پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی
پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجاء ہے
یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے
آہ! رَنج واَلم نے ہے مارا
یااِلٰہی! مجھے دے سہارا
ایک غمگین دِل کی صدا ہے
یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1]

## روزِ حشر جو انتهائي خطرناڪ مرحلو

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جو معاملو نهايت هولناڪ ۽ خطرناڪ هوندو، ۞ قيامت جي ڏينهن حساب جي انتظار ۾ ويهڻ بہ هڪ وڏي آزمائش هوندي، ۞ الله پاڪ جي دربار ۾ پيش ٿيڻ جو لمحو بہ ڏاڍو سخت هوندو، ۞ ميزان تي اعمال تورڻ جو مرحلو بہ انتهائي ڏکيو هوندو، ۞ ۽ پُل صِراط تان گذرڻ تہ سڀ کان وڌيڪ سخت ترين هوندو، شايد قيامت جي معاملن مان سڀ کان خطرناڪ مرحلو پُل صِراط ئي جو آهي. انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ ڏکي ڳالهہ اها آهي تہ چاهي ڪو نيڪ هجي يا گنهگار، پرهيزگار هجي يا بدڪار و بدڪردار، هر ڪنهن کي پُل صِراط تان گذرڻو پوندو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو

وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ
(پاره:16، سورة مريم:71)

ترجمو ڪَنْزُ العِرْفَان: ۽ توهان مان هر هڪ دوزخ تان گذرڻ وارو آهي

هن آيت جو هڪ مطلب هيءُ آهي تہ: پُل صِراط، جيڪو دوزخ جي مٿان وڇايو ويندو، هر ڪنهن کي انهيءَ تان ضرور گذرڻو آهي، ها! جيڪو مسلمان هوندو،

1... وسائلِ بخشش، ص136-137۔

اهو سلامتيءَ سان ان تان گذري ويندو ۽ جيڪو غير مسلم هوندو، اهو ڪٽجي دوزخ جي کوٽائي ۾ ڪري پوندو.[1]

## صحابي رسول زارو قطار رُئڻ لڳا

هڪ دفعي صحابي رسول حضرت عبد الله بن رواحه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تمام گهڻو رُوئڻ لڳا، کين روئندو ڏسي، سندن زال به روئڻ لڳي، خادم ڏٺو ته اُهو به روئڻ لڳو، ٻيا گهر وارا به ڏسندي ئي ڏسندي روئڻ لڳا، جڏهن هيءَ رقّت انگيز ڪيفيت ختم ٿي، اڪين جا وهندڙ لڙڪ ٿورو رڪجي ويا، ته حضرت عبد الله بن رواحه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پڇيو: توهان سڀ ڇو روئي رهيا آهيو؟ عرض ڪيائون: اسان ته توهان کي روئندو ڏٺو ته اسان به روئڻ لڳاسين. فرمايائون: اڄ پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي هيءَ آيت نازل ٿي، جنهن ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ<br>(پاره:16، سورۃ مريم:71) | ترجمو ڪَنْزُ الْعِرْفَان: ۽ توهان مان هر هڪ دوزخ تان گذرڻ وارو آهي |

افسوس! هن آيت ۾ هي ته ٻڌايو ويو آهي ته مونکي جهنم تان گذرڻو آهي پر هيءَ خبر نه ڏني وئي ته مان سلامتيءَ سان ان تان گذري ويندس يا نه.[2]

## صحابن جو هڪ مبارڪ انداز

هيءَ ته اسان هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ذڪرِ خير ٻڌو! روايتن ۾ آهي: عام طور تي صحابن جو اهو معمول هوندو هو ته انهن مان جڏهن به صحابي پاڻ ۾ ملندا هئا ته هڪ چوندو هو: ڇا توهان تائين هيءَ آيت پهتي آهي ته هر هڪ ماڻهوءَ کي دوزخ تان گذرڻو آهي؟ سامهون وارو صحابي چوندو هو: جي ها! مون تائين پهتي آهي. پهريون صحابي پڇندو هو: ڇا هيءُ به ٻڌايو ويو آهي ته توهان سلامتيءَ سان گذري جهنم کان نڪري ويندؤ؟ سامهون وارو چوندو هو: نه، اها خبر نه ڏني وئي. پهريون صحابي چوندو هو: بس! پوءِ هتي کل ٻوڳ ۾ ڇا رکيو آهي؟[3]

---

1... صراط الجنان، پاره:16، سورۃ مريم، زيرِ آيت:71، جلد:6، صفحه:143-144 ملخصاً۔
2... تخويف من النار ، الباب السابع و العشرون...الخ، صفحه:244 ۔
3... تخويف من النار ، الباب السابع و العشرون...الخ، صفحه:245 ۔

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هيءُ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهم آهن، هي تہ اهي مقدس هستيون آهن، جن جي صدقي اسان جهڙن کي پُل صِراط تي آساني نصيب ٿيندي! جي ها! روايتن مطابق جيڪو خوشنصيب صحابن سان محبت ڪرڻ وارو هجي، قيامت جي ڏينهن حضرت جبرائيل آمين عَلَيۡهِ السَّلَام پل صراط تي پنهنجا مبارڪ پر وڇائي ڇڏيندو، تہ جيئن اهو آسانيءَ سان پل صراط پار ڪري وڃي[1]!

| | |
|---|---|
| فضل رب سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا | دل سے جو شیدا ہوا اصحاب و اہل بیت کا |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرت صدیق بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عثمان غنی! | جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حسین بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| والدینِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں مُعَاوِیہ بھی! | جنّتی! جنّتی![2] |

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان جن جي صدقي اسان کي پلصراط تان نجات ملڻ جي اُميد آهي، اندازو ڪيو! هي پاڻ پلصراط جي خوف کان ڪيئن ڳوڙها وهائيندا هئا، ايترو تڪليف کان روئندا هئا جو ڏسڻ وارن کي بہ روئڻ اچي ويندو هو. ڪاش! صحابہ ڪرام جو صدقو اسان کي بہ خوفِ خُدا نصيب ٿي وڃي.

| | |
|---|---|
| ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی! |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مواهب اللدنيہ مع شرح زرقانی، المقصد الخامس...الخ، جلد:8، صفحہ:198۔
2... وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔

# پلصراط تلوار جي ڌار کان وڌيڪ تيز آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي پُلِ صراط جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي. حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه کان منقول آهي: پُلِ صراط جو سفر 15 هزار سال جي راهه آهي۞ 5 هزار سال مٿي چڙهڻ جا ۞ 5 هزار سال هيٺ لهڻ جا ۞ ۽ 5 هزار سال برابر جا. پُلِ صراط وارَ کان به وڌيڪ سنهي ۽ تلوار جي ڌار کان به وڌيڪ تيز آهي.[1]

**بهارِ شريعت** ۾ آهي: **صراط** هڪ پُل آهي جيڪو **دوزخ** جي پُٺيءَ تي رکيو ويندو، **جنت** ۾ وڃڻ جو اهو ئي رستو هوندو. سڀ کان پهريان **نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مان گذر فرمائيندا، پوءِ ٻيا نبي ۽ مُرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام پوءِ هي امت (يعني مسلمان)، پوءِ ٻين (نبين جون) امتون گذرنديون. سڀ ماڻهو پنهنجن عملن جي حساب سان مختلف انداز سان گذرندا ۞ ڪجهه ته اهڙا تيزي سان گذرندا جيئن بجلي جي چمڪ هاڻي چمڪي ۽ هاڻي غائب ٿي وئي ۞ ڪجهه تيز هوا وانگر ۞ ڪجهه پکي وانگر اڏامندا ۞ ڪجهه گهوڙي جي رفتار جيان ڊوڙندا ۞ ڪجهه عام انسانن جي ڊوڙ جيان ۞ ڪجهه ته پنهنجي پٺيءَ تي گهلجي هلندا ۞ ۽ ڪو ماڻهو ڪيوِل جي چال جيان ويندو ۽ پُلِ صراط جي ٻنهي طرف وڏا وڏا انگوڙا، يعني لوهي وڏيون سلاخون هونديون، جنهن ماڻهو جي باري ۾ حڪم ٿيندو، ان کي اهي سلاخون پڪڙي وٺنديون. ڪجهه ماڻهو ته اهي هوندا جيڪي زخمي ٿي نجات ماڻي وٺندا ۽ **ڪجهه کي دوزخ ۾ ڪيرايو** ويندو.[2]

اچو! پلصراط تي حفاظت جي دُعا گهرون ٿا:

| | |
|---|---|
| يا الٰهی جب چلوں تاریک راہِ پُل صِراط | آفتابِ ہاشمی نورُالْہُدیٰ کا ساتھ ہو |
| یا الٰہی جب سر شمشیر پر چلنا پڑے | ربِّ سلِّم کہنے والے غمزُدا کا ساتھ ہو |
| یاالٰہی! نامۂ اعمال جب کُھلنے لگیں | عیب پوشِ خلق ستارِخطا کا ساتھ ہو |

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... اَلْبُدورُ السّافرة ، باب ما ورد فی الصراط، صفحه:334۔
2... بهارِ شريعتَ، جلد:1، صفحه:147-148، حصه:1

## خواب ڏسڻ سان ئي وار اڇا ٿي ويا

امام ابنِ اَبي دُنيا لکن ٿا: هڪ نوجوان شخص هو، جنهن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا سڀ وار ڪارا هئا. هڪ رات جڏهن هو سُتو ته خواب ڏٺائين ته قيامت جو ميدان لڳل آهي، ماڻهن کي گڏ ڪيو ويو آهي، ڇا تو ڏسي ته باهه جي وڏي نهر آهي، اُن جي مٿان هڪ پُل رکيل آهي ۽ ماڻهو ان تان گذري رهيا آهن. آواز ڏنو پيو وڃي: اي فلاڻا! تون گذر! جنهن جنهن جو نالو پڪاريو پيو وڃي، اهو پُلِ صراط تان گذري رهيو آهي، ڪي ته ان کي پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيا آهن، ڪي دوزخ ۾ ڪري تباهه ٿي رهيا آهن. اهو شخص چئي ٿو: ايتري ۾ مون کي به منهنجي نالي سان سڏ ڪيو ويو، مان پُلِ صراط تي چڙهيس، جيڪو تلوار کان به وڌيڪ تيز هو. مان جڏهن ان تان گذري رهيو هيس ته منهنجو وجود ڏڪي رهيو هو.

راوي چئي ٿو: هي شخص جڏهن سُتو هو ته ان جا وار ڪارا هئا، پر جڏهن جاڳيو ته پُلِ صراط جي دهشت سبب ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا سڀ وار اڇا ٿي ويا.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! پُلِ صراط جي دهشت جو اندازو لڳايو! جڏهن قيامت جي هن خطرناڪ ترين مرحلي کي صرف خواب ۾ ڏسڻ سان ئي وار اڇا ٿي سگهن ٿا ته سوچو! جڏهن قيامت جي ڏينهن حقيقت ۾ اُن تان گذرڻو پوندو، تڏهن اسان جو حال ڇا هوندو...؟ افسوس! پُلِ صراط نهايت ئي خطرناڪ آهي، پر افسوس! اسان اڄا تائين غفلت مان بيدار نٿا ٿيون.

| | |
|---|---|
| دل ہائے! گناہوں سے! بیزار نہیں ہوتا | مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا |
| یہ سانس کی مالا اب، بس ٹوٹنے والی ہے | غفلت سے مگر دل کیوں بیدار نہیں ہوتا |
| گو لاکھ کروں کوشش، اصلاح نہیں ہوتی | پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا |
| اے رب کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ! | اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا |

## پوءِ تنهنجو ڇاهيءَ ڪلڻ کهڙو؟

ڪاش ! اسان کي قبر و حشر، دوزخ ۽ پُلِ صراط جو صحيح معنيٰ ۾ خوف

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب المنامات، صفحہ:142، رقم:295۔

نصيب ٿي وڃي، نہ تہ اسان جا حال تہ بس اهڙا ئي آهن. قبر ۽ قيامت جا وڏا وڏا خطرات اسان جي سامهون آهن، اُن جي باوجود اسان کي فضول شين مان فرصت ئي نہ ٿي ملي! ۞ نمازن جي پابندي آهي، جيڪا ٿي نٿي سگهي ۞ کائو، پيو، جان ٻٽايو جا نعرا لڳائيندا رهون ٿا ۞ بس سير و تفريح، ۞ دوستن جون ويهڪون آهن ۞ موبائل فون تي اجايون مصروفيتون ۞ ڳالهہ ڳالهہ تي ٺهڪ، ۞ دوستن سان ويهي ڪري هڪٻئي تي طنز، اوچي اوچي آواز ۾ کلڻ ، ٺهڪ ڏيڻ اسان جي عادتن جو حصو آهي. افسوس! اسان جا حال ايترا بي فڪري وارا آهن جڏهن تہ قبر و حشر ۽ پُلِ صراط جا خطرا اسان جي سامهون آهن. حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو کِلي رهيو هو. فرمايائون :اي نوجوان! ڇا تون پُلِ صراط مان گذري چڪو آهين؟عرض ڪيائين: نہ! پوءِ فرمائون: ڇا توکي يقين آهي تہ تون جنت ۾ ويندين يا دوزخ ۾؟ عرض ڪيائين : نہ! فرمايائون: فَمَاهٰذَاالضِّحۡكُ يعني پوءِ تنهنجو هيءُ کلڻ ڪهڙي خوشيءَ تي آهي؟ (**يعني** جڏهن اهڙيون مشڪلاتون تنهنجي سامهون آهن ۽ توکي پنهنجي نجات جو بہ پتو ناهي تہ پوءِ ڪهڙي خوشيءَ تي کِلي رهيو آهين؟). ڪاش! اسان کي بہ اهڙي توفيق ملي، ڪاش! اهي نصيحتون اسان جي دل تي اثر ڪري وڃن ۽ اسان قبر، قيامت ۽ پُلِ صراط تان گذرڻ جي تياريءَ ۾ لڳي وڃون.

## پُلِ صراط جا 7 مرحلا

روايتن ۾ آهي: پُلِ صراط جا 7 مرحلا آهن، انهن مان هر مرحلي تي انسان کي روڪيو ويندو ۽ مختلف سوال پڇيا ويندا. اهي ڪهڙا سوال هوندا؟ توجهہ سان ٻڌو! ۽ غور بہ ڪيو تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اسان تي ڪهڙا ڪهڙا احسان آهن تہ جيڪي معاملات اسان سان پيش اچڻ وارا هئا، انهن جي متعلق پهريان ئي خبردار فرمائي ڇڏيو، تہ جيئن اسان اڳواٽ ئي تياري ڪري وٺون. پُلِ صراط جي انهن 7 مرحلن جا 7 سوال، هاڻي کان ئي تيار ڪيون، تہ جيئن اسان نجات جا حقدار ٿي سگهون.

## (1) پهريون مرحلو: نماز بابت سوال ٿيندو.

جڏهن انسان پهريون مرحلو پار ڪندو تہ حڪم ٿيندو:

وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْـُٔوْلُوْنَ ﴿۲۴﴾ (پارہ:23، سورۂ صفت:24)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن کي روڪيو، بيشڪ انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي.

هتي نماز جي باري ۾ پڇيو ويندو، پوءِ جنهن جون نمازون مڪمل هونديون، اهو پُلِ صراط کان نجات حاصل ڪندو نہ تہ هلاڪت ۾ پئجي ويندو.[1]

هاڻي اسان غور ڪيون! ڇا اسان پنجئي وقت نمازون پابندي سان ادا ڪيون ٿا؟ افسوس! افسوس! اڄڪلهہ ماڻهن ۾ نماز جي تمام وڏي سستي ملي ٿي. ڪيترائي تہ نماز پڙهندا ئي ناهن! جيڪي پڙهندا آهن، انهن مان بہ ڪجهہ ڪڏهن 2، ڪڏهن 4، تہ ڪڏهن 5 ئي پڙهي وٺندا آهن. جيڪي پنج وقت جا پڪا نمازي آهن، انهن مان بہ ڪيترن کي صحيح نموني نماز پڙهڻ ئي ناهي ايندي.

## نمازون پنج ئي فرض آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! نمازون 2 يا 4 نہ پر پنج ئي فرض آهن. جيڪي ماڻهو 2 يا 4 پڙهي دل کي تسلي ڏئي ڇڏيندا آهن تہ اڄ مون ايتريون نمازون پڙهيون آهن، انهن کي خوش ٿيڻ بجاءِ ڊڄڻ گهرجي تہ جيڪڏهن 2 پڙهيون آهن تہ 3 قضا بہ ڪري ڇڏيون آهن. اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز ڇڏي اهو هزارين سال جهنم ۾ رهڻ جو مستحق ٿيو، جيستائين توبہ نہ ڪري ۽ ان جي قضا نہ پڙهي.[2]

## نماز نہ پڙهڻ جو عذاب

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز نہ پڙهڻ تمام وڏو گناهہ آهي. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (پارہ:16، سورۂ مريم:59)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ ۾ ''غَيّ'' جو جهنگ ڏسندا.

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب المنامات، صفحہ:142، رقم:295۔
2... فتاوی رضویہ، جلد:9، صفحہ:158۔

بيان ڪيل آيتِ مقدسہ ۾ ”غَيّ“ جو ذڪر آهي، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”غَيّ“ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ کا وڌيڪ آهي، هن ۾ هڪ کوهہ آهي جنهن جو نالو ”هَب هَب“ آهي، جڏهن جهنم جي باهہ وسامڻ لڳندي آهي تہ الله پاڪ ان کوهہ کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها ساڳي وانگر ڀڙڪڻ لڳندي آهي.

## دُنيائي کوهہ

اميرِ اهلِ سنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هن آيت جي ضمن ۾ اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا: اي عاشقانِ رسول! هن خوفناڪ کوهہ کي سمجهڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن دنياوي اونهيءَ کوهہ جي ڪناري تي بيهي ان جي گهرائيءَ تي نظر وجهو ۽ سوچو تہ جيڪڏهن دنيا جي هن کوهہ ئي ۾ قيد ڪيو وڃي تہ پوءِ چا هن عذاب کي برداشت ڪري سگهندؤ؟ جيڪڏهن نہ ۽ يقيناً نہ تہ جهنم جي خوفناڪ کوهہ جو عذاب ڪيئن برداشت ٿي سگهندو!

ہو گی دُنیا خراب، آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
بے نمازی جہنّم کا حق دار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
یاخُدا! تجھ سے عطار کی ہے دُعا | مصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بي نمازيءَ جون ٽي شامتون

منقول آهي ”بروز قيامت اهو (يعني نماز جي معاملي ۾ سُسّتي ڪرڻ وارو) هن حالت ۾ اٿاريو ويندو جو ان جي چهري تي ٽي سٽون لکيل هونديون: (1) اي الله جو حق برباد ڪرڻ وارا (2) اي الله جي غضب سان مخصوص! (3) جهڙي

طرح دنيا ۾ تو حقُّ الله (يعني الله پاڪ جو حق) ضايع ڪيو انهيءَ طرح اڄ تون بہ الله پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿي وڃ“.

(الزواجر، ج۔ ١، ص۔ ٢٩٦) (جهنم ميں لے جانے والے اعمال، ج۔ ١، ص۔ 444)

## معراج جي رات عذاب ڏٺو

سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات هڪ اهڙي قوم (يعني اهڙي ماڻهن) وٽ تشريف وٺي ويا جن جا مٿا پٿر کان چِٿيا پئي ويا، جڏهن بہ انهن کي چِٿيو ويندو هو تہ پهريان وانگر درست ٿي ويندا ها ۽ اهو سلسلو ائين ئي هلندو رهيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اي جبريل! هي ڪير آهن؟ عرض ڪيو: هي اهي ماڻهو آهن جن جا مٿا نماز پڙهڻ سان ڳرا ٿي ويندا ها (يعني فرض نماز ڇڏي ڏيندا) هئا. (مسند بزار،ج17،ص5،حديث: 9518)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن مٿي ۾ معمولي ڏک لڳي پوي تہ انسان تڙپي پوندو آهي تہ معاذ الله نمازون قضا ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ان جو نازڪ مٿو ملائڪن پٿرن سان چِٿڻ شروع ڪري ڇڏيو تہ اُن جو ڇا بڻجندو! ڪاش! ڪاش! ڪاش! سيئي مسلمان پڪا نمازي بڻجي وڃن.

توفيق دے الٰہی! مجھے تو نماز کی | صدقے میں مصطفٰے کے بنے خو نماز کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پڪّي نمازي جي لاءِ 5 انعام

هي ڊڄڻ جو مقام آهي، اسان کي گهرجي تہ قبر ۽ حشر ۾ ڪاميابي ماڻڻ، پلصراط تان ڪاميابي سان گذري وڃڻ جي لاءِ پنج ئي نمازون پابندي سان مسجد جي پهرين صف ۾ پڙهڻ جي عادت بڻايون. حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو نماز جي پابندي ڪندو، الله پاڪ پنج ڳالهين سان ان جو اڪرام (يعني عزت) فرمائيندو: (1) ان کان تنگي ۽ (2) قبر جو عذاب دور ڪندو- (3) الله پاڪ اعمال نامو ان کي سڄي هٿ ۾ ڏيندو (4) اهو پلصراط تان بجلي وانگر تيزي سان گذري ويندو ۽ (5) جنت ۾ بنا حساب جي داخل ٿيندو.[1]

1... الكبائر للذهبى، الكبيرة الرابعة فى ترک الصلاة، صفحہ:17۔

| | |
|---|---|
| دیدارِ حق دکھائے گی اے بھائیو! نماز! | جنّت تمھیں دِلائے گی اے بھائیو! نماز! |
| دربارِ مصطفٰی میں تمھیں لے کے جائے گی | خالق سے بخشوائے گی اے بھائیو! نماز! |
| جنّت میں نرم نرم بچھونوں کے تخت پر | آرام سے سُلائے گی اے بھائیو! نماز! |
| فاقے سے مُفلسی سے جہنّم کی آگ سے | سب سے تمھیں بچائے گی اے بھائیو نماز! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) ٻي مرحلي ۾ امانت جو سوال ٿيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پُل صِراط جي پهرئين مرحلي جو بيان هو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو نمازي هوندو ته اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! پهريون مرحلو آسانيءَ سان پار ڪري ويندو. هاڻي ٻئي مرحلي تي روڪيو ويندو، هتي امانت بابت سوال ٿيندو .جيڪو امانتدار هوندو، اهو نجات ماڻي ويندو نه ته اهو جهنم ۾ ڪري هلاڪ ٿي ويندو[1].

خبر پئي، پُل صِراط کان سلامتيءَ سان پار ٿيڻ لاءِ امانت دار هجڻ به تمام ضروري آهي. افسوس! اڄڪلهه هن معاملي ۾ به ماڻهو پنهنجي ڪردار کي بگاڙي رهيا آهن. اڄڪلهه ڪنهن وٽ ڪجهه دير لاءِ به امانت رکڻ کان پهريان سوين ڀيرا سوچڻو پوندو آهي. لالچ ايتري وڌي وئي آهي جو ماڻهو صرف چند هزار رپين جي لالچ ۾ اچي خيانت جو وڏو گناهه ڪمائي وٺندا آهن.

## خيانت وڏو گناهه آهي

ياد رکو! امانت ۾ خيانت ڪرڻ (يعني جيڪڏهن ڪنهن امانت رکي ته ان جي اجازت کان سواءِ ان ۾ تصرف ڪرڻ، ان کي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ، ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ يا ان جي پوري طرح حفاظت نه ڪرڻ وغيره) تمام وڏو گناهه، حرام ۽ جهنم ڏانهن وٺي وڃڻ وارو عمل آهي[2]. اللّٰہ پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

---

1... بستان الواعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحه: 85۔

2... الحديقة الندية، الخلق الثانی والعشرون...الخ، جلد:3، صفحه:131۔

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ وَ تَخُوْنُوْۤا اَمٰنٰتِكُمْ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ(۲۷)
(پارہ:9، سورۂ انفال:27)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ رسول سان خيانت نہ ڪريو ۽ نہ ڄاڻي واڻي پنهنجين امانتن ۾ خيانت ڪيو

# خيانت جا ڪجھ قسم

حضرت علامہ عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيئن روپين، پيسن ۽ مال متاع جي امانت ۾ خيانت حرام آهي اهڙي طرح ڳالهين، ڪمن ۽ عهدن جي امانت ۾ بہ خيانت حرام آهي. مثلاً: ❁ ڪنهن اوهان سان پنهنجي راز جي ڳالھ ڪئي ڪيو ۽ اوهان کي چيو تہ هيءَ ڳالھ امانت آهي ڪنهن کي نہ ٻڌائجو ۽ اوهان اها ڳالھ ڪنهن کي ٻُڌائي ڇڏي تہ هي امانت ۾ خيانت ٿي وئي. ❁ ڪنهن اوهان کي مزدور رکي ڪري ڪو ڪم سپرد ڪيو پر اوهان ڄاڻي واڻي ان ڪم کي بگاڙي ڇڏيو يا گهٽ ڪم ڪيو تہ اوهان امانت ۾ خيانت ڪئي. ❁اهڙي طرح حاڪم جي اها ذميواري آهي تہ هو پنهنجي رعيت جي نگراني ڪري ۽ انهن جي خبرگيري ڪندو رهي ۽ عدل ۽ انصاف قائم رکي. جيڪڏهن هن پنهنجي عهد جي ذميوارين کي پورو نہ ڪيو تہ اها بہ امانت ۾ خيانت شمار ٿيندي. اهڙي طرح رات جو زال مڙس جيڪو چوندا يا ڪندا آهن ان ۾ زال مڙس هڪٻئي جا امين آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن بہ انهن ڳالهين کي ٻاهر ظاهر ڪيو تہ اها بہ خيانت آهي. مطلب تہ ❁ مزدور ❁ ڪاريگر ❁ملازم وغيره جيڪو ڪم انهن کي سونپيو ويو آهي، اهي انهن جي ڪمن جا امين آهن. جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجي ڪم يا ذميوارين ۾ غفلت ڪندا تہ اهي امانت ۾ خيانت جا مرتڪب ٿيندا.

ياد رکو! هر قسم جي امانت ۾ خيانت حرام آهي ۽ هر خيانت جهنم ڏانهن وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. هر مسلمان کي هر قسم جي خيانت کان بچڻ ايمان جي سلامتي ۽ جهنم کان نجات ماڻڻ جي لاءِ انتهائي ضروري آهي.[1]

1... جہنم کے خطرات، صفحہ:67-68۔

## خيانت نيڪين ڪي کائي ڇڏيندي آهي

حديث پاڪ ۾ آهي: حسد ۽ خيانت نيڪين کي اهڙي طرح کائي ويندا آهن جيئن باهه ڪاٺيءَ کي کائي ويندي آهي.[1] ❁ هڪ حديث شريف ۾ فرمايو: قيامت جي ڏينهن هر خيانت ڪرڻ واري جي لاءِ هڪ جهنڊو هنيو ويندو جنهن سان ان جي پهچاڻ ٿيندي.[2]

## خيانت جو سخت ترين عذاب

روايتن ۾ آهي: جيڪو دنيا ۾ خيانت ڪندو، قيامت جي ڏينهن ان کي چيو ويندو: پنهنجي پاڻ جي امانت واپس ڪر! هو عرض ڪندو: مولا! اها ته مان دنيا ۾ ئي ڇڏي آيس، هاڻي ڪٿان واپس ڪريان...؟ جيئن ته ان امانت جهڙي ڪا شيءِ جهنّم جي گهرائيءَ ۾ ظاهر ڪئي ويندي، ان خيانت ڪندڙ کي چيو ويندو: وڃ! جهنّم جي گهرائيءَ مان ڪڍي اچ! اُهو جهنّم جي گهرائيءَ ۾ لهندو، امانت ڪڍندو، اها دنيا جي تمام جبلن کان وڌيڪ ڳري هوندي، پانهو ان کي پنهنجن ڪلهن تي کڻي مٿي چڙهڻ شروع ڪندو، چڙهندو ويندو، چڙهندو ويندو، جڏهن جهنّم جي ڪناري تي پهچندو ته امانت وري جهنّم جي گهرائيءَ ۾ ڪِري پوندي، اهو وري هيٺ ويندو، امانت ڪڍندو، مٿي چڙهندو، جڏهن بلڪل ڪناري جي ويجهو ٿيندو ته امانت وري ڪري پوندي، جيستائين الله پاڪ چاهيندو، هن سان اهوئي معاملو ٿيندو رهندو.[3]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيترو سخت عذاب آهي....!! اسان کي گهرجي ته هن مان عبرت پڪڙيون، هر طرح جي امانت جي حفاظت ڪيون. ان جي برڪت سان اسان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! پلصراط پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ڪنز العمال، جز:3، جلد:2، صفحه:186، حديث:7441۔
2... بخاری، کتا ب الحيل، باب اذا غضب جارية...الخ، صفحه:1695، حديث:6966۔
3... بستان الواعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحه:86۔

## (3) ٽئين مرحلي تي صِلہ رحمي جو سوال ٿيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! پُل صِراط جي ٽئين مرحلي تي وري روڪيو ويندو، هتي صِلہ رحمي (يعني رشتا نياتا نڀائڻ ۽ رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ) جي مُتعلق سوال ٿيندو. جيڪڏهن ماڻهو صِلہ رحمي ڪرڻ وارو ٿيو تہ نجات ماڻي وٺندو، نہ تہ جهنّم ۾ ڪِري هلاڪ ٿي ويندو.[1]

**حديث پاڪ ۾ آهي:** امانت ۽ صِلہ رحمي کي موڪليو ويندو تہ اهي پُل صِراط جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي بيهي رهنديون.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پُل صِراط جو ٽيون سوال آهي- آهہ! افسوس! اڄڪلهہ صِلہ رحمي جو تہ شايد نالو ئي رهجي ويو آهي، عام طور تي ماڻهو رشتا ناتا نڀائڻ بجاءِ ادلا بدلي ڪندا آهن، فلاڻي مون سان ڀلائي ڪئي هئي، لهٰذا مان بہ ان سان ڀلائي ڪندس، فلاڻي مون سان برائي ڪئي هئي، لهٰذا ان سان برائي ئي ڪندس، هي بلڪل غلط آهي.

اسان کي صِلہ رحمي جو حڪم ڏنو ويو آهي، هر اهو عزيز، رشتيدار جنهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو شريعت اسان کي حڪم ڏنو آهي، ان سان نيڪ سُلوڪ ڪرڻ ضروري آهي ۽ تعلق ٽوڙڻ يعني قطع رحمي ڪرڻ گناهِ ڪبيره حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ (پارہ:4، سورۂ نساء:1) | ترجموڪنزالعرفان:۽ اللّٰہ کان ڊڄو، جنهن جي نالي تي اوهان هڪ ٻئي کان گهرندا آهيو ۽ رشتن (کي ٽوڙڻ کان بچو) |

**تفسيرِ مظهري ۾ آهي:** يعني توهان قطع رحمي (يعني رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ) کان بچو.[3]

## تعلق ٽوڙڻ وارو جنت کان محروم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: رشتيداري ٽوڙڻ وارو جنت ۾ نہ ويندو.[4]

1... بستان الواعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحہ:87۔
2... مسلم، کتاب الايمان، باب ادنی اہل الجنۃ منزلۃ فيہا، صفحہ:98، حديث:195۔
3... مظہری، پارہ:4، سورۂ نساء، زيرآيت:1، جلد:2، صفحہ:4۔
4... بخاری، کتاب الادب، باب اثم القاطع، ، صفحہ:1495، حديث:5984۔

# رحمت کان مَحْرُومي جو هڪ سبب

ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ ڀيري سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون حديثون بيان ڪري رهيا هئا، انهيءَ دوران فرمايائون: هر قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان هليو وڃي، هڪ نوجوان اُٿي ڪري پنهنجي ڦڦيءَ وٽ ويو جنهن سان ان جو ڪيئي سالن جو پراڻو جهڳڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا تہ ان نوجوان کي ڦڦيءَ چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇا ڪر تہ آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي اعلان جي حڪمت ڇا هئي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇا ڪئي تہ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايائون تہ مون حضور انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان هي ٻڌو آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان قوم تي الله ڪريم جي رحمت نازل ناهي ٿيندي.[1] جيڪي معمولي ڳالهين تي پنهنجي ڀينرن، ڌيئرن، ڦڦين، مامن، چاچن، ڀاٽيجن، ڀائٽين وغيره سان تعلق ٽوڙي ڇڏيندا آهن، انهن لاءِ هن حديثِ پاڪ ۾ عبرت ئي عبرت آهي. هتي اهو بہ غور فرمايو تہ پهريان جا مسلمان ڪيترو نہ خوفِ خدا رکڻ وارا هوندا هئا! خوش نصيب نوجوان الله پاڪ جي خوف سبب فوراً پنهنجي ڦڦيءَ وٽ وڃي صلح ڪري ڇڏي- سيني کي گهرجي تہ غور ڪن تہ خاندان ۾ ڪنهن ڪنهن سان ناراضگي آهي جڏهن معلوم ٿي وڃي تہ هاڻي جيڪڏهن شرعي عذر نہ هجي تہ فوراً ناراض رشتيدارن سان صلح ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن جهڪڻو بہ پوي تہ بيشڪ الله جي رضا لاءِ جهڪي وڃو، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! عزت ۽ سربلندي نصيب ٿيندي. حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبارڪ آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰہِ رَفَعَہُ يعني جيڪو الله پاڪ لاءِ عاجزي اختيار ڪري، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.[2]

1... الزواجر، جلد:2، صفحہ:136-

2... معجم اوسط، جلد:6، صفحہ:145، حديث:8307۔

# صلہ رحمي جا 10 فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فقيہ ابو الليث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صلہءِ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: (1) الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي (2) ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي (3) ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي (4) مسلمانن طرفان ان شخص جي واکاڻ ٿيندي آهي (5) شيطان کي انهي سبب رنج ٿيندو آهي (6) عمر وڌندي آهي (7) رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي (8) وفات ٿيل آباء و اجداد (يعني مسلمان ماءُ پيءُ) خوش ٿيندا آهن (9) پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي (10) وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ڇوتہ ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) چوٿين مرحلي ۾ والدين جي متعلق سوال ٿيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! پُل صِراط جي چوٿين مرحلي تي وري روڪيو ويندو ۽ چوٿون سوال ٿيندو: ڇا تو پنهنجي والدين سان نيڪ سلوڪ ڪيو؟ جيڪڏهن ڪيو هوندو تہ پانهو نجات ماڻي وٺندو، نہ تہ جهنّم ۾ ڪري هلاڪ ٿي ويندو.[2]
هن مان معلوم ٿيو تہ پلصراط پار ڪري جنت تائين پهچڻ جي لاءِ والدين سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ بہ انتهائي ضروري آهي، نہ تہ پُل صِراط تي ڦاسي جهنّم جو حقدار بہ بڻجي سگهو ٿا.

## والدين جو اَدب لازم آهي

انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ والدين سان نيڪ سُلوڪ ڪيون، انهن جي خوب خدمت ڪيون، انهن کي ڏُک تڪليف هرگز نہ پهچايون. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

1... تَنبيہُ الغافلين ، باب صلة الرحم، صفحہ:74.
2... بستان الواَعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحہ:87.

| | |
|---|---|
| وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ (پارہ:15، سورۂ بنی اسرائیل:23) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توھان جي ربّ حڪم فرمايو آھي تہ ان کان سواءِ ڪنھن جي عبادت نہ ڪيو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪيو. |

## والدين جي ادب جي مُتعلق حديثون

حديثِ پاڪ ۾ آھي: اللّٰہ پاڪ جي رضا والدين جي رضا ۾ آھي ۽ اللّٰہ پاڪ جي ناراضگي والدين جي ناراضگي ۾ آھي. ھڪ حديث شريف ۾ آھي: ٽي ماڻھو جنت ۾ نہ ويندا. (1) والدين جو نافرمان. (2) ديّوث (يعني گھر وارن تي غيرت نہ ڪائڻ وارو مرد-) (3) اھي عورتون، جيڪي مردن وانگر حُليو ناھين.

## ظالم والدين جي بہ فرمانبرداري لازمي آھي

آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنھن شخص ھن حال ۾ صبح ڪئي جو پنھنجي والدين جو فرمانبردار آھي، ان جي لاءِ صبح جو ئي جنت جا 2 دروازا کُلي ويندا آھن ۽ والدين مان ڪو ھڪ ئي ھجي تہ ھڪ دروازو کُلندو آھي. جنھن شخص ھن حال ۾ شام ڪئي جو والدين جي باري ۾ اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪندو آھي تہ ان جي لاءِ صبح جو ئي جھنّم جا بہ دروازا کُلي ويندا آھن ۽ جيڪڏھن (ماءُ پيءُ مان) ھڪ ھجي تہ ھڪ دروازو کُلندو آھي. ھڪ شخص عرض ڪيو: جيتوڻيڪ والدين ان تي ظلم ڪن. فرمايائون: **جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن.**[1]

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا | ورنہ اس میں ہے خسارہ آپ کا

پيارا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ تہ ماءُ پيءُ ئي ھوندا آھن، انھن جا اسان تي بيشمار احسان آھن، انھن جي ڪري ئي اسان ھن دنيا ۾ آيا آھيون، اڄ اسان جيڪو ڪجھ بہ آھيون، اھو بہ انھن جي بدولت آھي، لھٰذا پاڻ تي اھو لازم ڪري ڇڏيو! تہ ھميشہ انھن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻو آھي، انھن جي طرفان چاھي بظاھر

1... شعب الایمان، باب بر الوالدین، فصل فی حفظ حق الوالدین...الخ، جلد:6، صفحہ:206، حديث:7916۔

ڪا تڪليف نہ پهچي، تڏهن بہ انهن سان ڀلائي ئي ڪرڻي آهي- اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جون برڪتون ضرور نصيب ٿينديون.[1]

## (5): پنجون مرحلي ۾ زبان جي متعلق سوال ٿيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! پُل صِراط جي پنجين مرحلي تي پنجون سوال زبان جي مُتعلق ٿيندو يعني پُڇيو ويندو تہ توهان پنهنجي زبان کي غيبت، چغلي وغيره گناهن کان بچايو يا نہ؟ جيڪڏهن زبان کي انهن گناهن کان بچايو هوندو تہ ماڻهو نجات ماڻي ويندو، ٻي صورت ۾ هلاڪ ٿي ويندو-[2]

**حديث پاڪ ۾ آهي:** جيڪو شخص ڪنهن مسلمان بابت اهڙي ڳالهہ ڪري، جنهن جو مقصد ان کي عيب لڳائڻ هجي، تہ الله پاڪ ان کي پُل صِراط تي روڪي ڇڏيندو، جيستائين اُن شيءِ مان نہ نڪري، جيڪا هن چئي هئي (يعني جيستائين ان جي سزا نہ ڀوڳي يا متعلقہ فرد کان معاف نہ ڪرائي، تيستائين پُل صِراط پار نہ ڪري سگهندو).[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ غيبت ۞ چغلي ۞ بهتان (يعني الزام تراشيون) ۞ بين جا اُبتا سُبا نالا پڪاري مذاق اُڏائڻ ۞ ڪنهن جي رنگ، قد وغيره تي طنز ڪرڻ انتهائي برا عمل، گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن- اسان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان تي ڪنٽرول رکون، صرف سنيون ۽ سچيون ڳالهيون ڪيون نہ تہ خاموش رهڻ ئي بهتر آهي، خاص ڪري گناهن سان ڀريل ڳالهيون تہ بلڪل بہ زبان تي نہ آڻيون-

## غيبت جون تباهہ ڪاريون

امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري پنهنجي ڪتاب "غيبت جون تباهہ ڪاريون" ۾ حديثن ۽ روايتن جي روشني ۾ لکن ٿا: ۞ غيبت ايمان کي ڪَپي ڇڏيندي آهي. ۞ غيبت بُري خاتمي جو سبب آهي ۞ ڪثرت سان غيبت

1... مستدرڪ، ڪتاب الايمان، جلد:1، صفحہ:176، حديث:66-
2... بستان الواعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحہ:
3... الزهد لابن مبارک، باب ماجاء فی الشح، صفحہ:219، حديث:686-

ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي ۞ غيبت جي ڪري نماز روزي جي نورانيَّت ختم ٿي ويندي آهي. ۞ غيبت سان نيڪيون برباد ٿينديون آهن ۞ غيبت نيڪيون ساڙي ڇڏيندي آهي ۞ غيبت ڪرڻ وارو توبھ ڪري بہ ڇڏي تڏهن بہ سڀني کان آخر ۾ جنّت ۾ داخل ٿيندو. مطلب تہ غيبت گناهِ ڪبيره، قَطعِي حَرام ۽ جَهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ۞ غيبت زنا کان سخت تر آهي ۞ مسلمان جي غيبت ڪرڻ وارو وِياج کان بہ وڏي گناھ ۾گرفتار آهي ۞ غيبت کي جيڪڏهن سمنڊ ۾ وِڌو وڃي تہ سمورو سمنڊ بدبودار ٿي وڃي ۞ غيبت ڪرڻ واري کي جَهنّم ۾ ڍُونڊ کائڻو پوندو ۞ غيبت مُئَل ڀاءَ جي گوشت کائڻ برابر آهي ۞ غيبت ڪرڻ وارو قبر جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۞ غيبت ڪرڻ وارو ٽامي جي ننهن سان پنهنجي چهري ۽سيني کي هر هر رهڙي رهيو هو ۞ غيبت ڪرڻ واري کي اُن جي پاسن کان گوشت ڪَٽي ڪَٽي کارايو پيو وڃي۞ غيبت ڪرڻ وارو قيامت ۾ ڪُتي جي شڪل۾اٿندو ۞ غيبت ڪرڻ وارو جهنّم جو ٻاندَر هوندو ۞ غيبت ڪرڻ واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو ۞ غيبت ڪرڻ وارو ٿهڪندڙ پاڻي ۽ باھ جي وچ ۾ موت گهرندي پيو ڀڄندو ۽ ان کان جهنّمي بہ بيزار هوندا ۞ غيبت ڪرڻ وارو سڀني کان اڳ ۾ جهنّم ۾ ويندو.[1]

بخش دے میری ہر اِک خطا یاخُدا! | فضل سے نیک بندہ بنا یاخُدا!
تُو بنا نیک نیکوں کے صدقے مجھے | اور پابندِ سُنّت بنا یاخُدا!
غیبتوں، چغلیوں، عیب دریوں سے اور | جھوٹ سے بھی مجھے تُو بچا یاخُدا!(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (6): ڇهين مَرحلي ۾ پاڙيسري جي مُتعلق سوال ٿيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ماڻهو پُل صِراط جا پنج مرحلا طئي ڪري وٺندو تہ

---

1... غیبت کی تباہ کاریاں، صفحہ:26۔

2... وسائلِ فردَوس، صفحہ:9، 10 ملتقطاً۔

هاڻ ان کي ڇهين مرحلي تي روڪيو ويندو، هتي پاڙيسرين جي باري ۾ سوال ٿيندو، پڇيو ويندو تہ ڇا پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ ڪيو؟ جيڪڏهن نيڪ سلوڪ ڪيو هوندو تہ ماڻهو پُل صِراط پار ڪري ويندو، ٻي صورت ۾ هلاڪ ٿي ويندو-[1]

معلوم ٿيو تہ، پُل صِراط تان گذري جنت تائين پهچڻ لاءِ پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ بہ انتهائي ضروري آهي، نہ تہ پُل صِراط پار ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو-

## ڪمالِ ايمان لاءِ ضروري عمل

اي عاشقانِ رسول! اسلام ۾ پاڙيسري کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي، ايتري قدر جو اهي عمل، جن جي ذريعي اسان جو ايمان مڪمل ٿيندو آهي، انهن ۾ پاڙيسرين سان چڱو سلوڪ ڪرڻ بہ شامل ڪيو ويو آهي يعني اسان ان وقت تائين مڪمل مؤمن نٿا ٿي سگهون، جيستائين پاڙيسرين جا حق ادا نہ ڪيون- حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ لَا يَأْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ يعني (اهو ٻانهو (ڪامل) مؤمن ناهي، جنهن جو پاڙيسري ان جي شر کان محفوظ نہ هجي.[2]

## اهو ايمان وارو نٿو ٿي سگهي

هڪ ڀيرو الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽي ڀيرا الله پاڪ جو قسم کڻي فرمايو: وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جي قسم! اهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جي قسم! اهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جي قسم! اهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪير مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي؟ فرمايو: اَلَّذِیْ لَا يَأْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ اهو جنهن جو پاڙيسري ان جي شر کان محفوظ نہ هجي-[3]

---

1... بستان الواعظين، مجلس فی ذکر الميزان و الصراط، صفحہ:90-

2... مسند بزار، جلد:16، صفحہ:215، حديث:9362-

3... بخاری، کتاب:الادب، صفحہ:1500، حديث:6016-

خير خواه ہم بھی پڑوسی کے بنیں | یہ کرم یا مصطفٰے فرمائیے!
نعمتِ اخلاق کر دیجئے عطا | یہ کرم یا مصطفٰے فرمائیے!

## پاڙيسري کي ايذا ڏيڻ واري عبادت گذار عورت

امام بُخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ نقل فرمائي آهي تہ هڪ ڀيرو الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! فلاڻي عورت رات ڀر عبادت ڪندي آهي، ڏينهن جو روزا بہ رکندي آهي، ڏاڍي نيڪ آهي، صدقو خيرات بہ گهڻو ڪندي آهي، پر پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي تڪليف پهچائيندي آهي-

پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰے صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا خَيْرَفِيْهَا ان ۾ ڪا بہ ڀلائي ناهي هِيَ مِنْ اَهْلِ النَّارِ اها جهنمين مان آهي. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم هڪ ٻي عورت جو ذڪر ڪندي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! فلاڻي عورت فرض نمازون پڙهندي آهي، پنير صدقو ڪندي آهي ۽ ڪنهن کي بہ تڪليف نہ پهچائيندي آهي. ارشاد فرمايائون: هِيَ مِنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ اها جنتي عورت آهي.[1]

**اي عاشقانِ** رسول! اڄ هن حديثِ پاڪ تي بار بار غور ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي!... ٿورو سوچيو تہ صحيح! جيڪو پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف پهچائيندو، اهو ڪيتري قدر نقصان ۾ آهي پر افسوس! اسان وٽ هن ڳالهہ جو خيال ئي ناهي ڪيو ويندو ۞ ڪجهہ ماڻهو پنهنجو گهر جو ڪن ڪچرو ڪٽي پاڙيسري جي دروازي تي ڦٽو ڪري ڇڏيندا آهن. ۞گهر ۾ وقت ۽ بي وقت شور شرابو ڪندا آهن ۽ ان ڳالهہ جي پرواهہ ئي ناهن ڪندا تہ سندن آواز سان پاڙيسري کي تڪليف ٿي سگهي ٿي. ۞ جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ۾ شادي وياهہ هجي، پوءِ تہ ڄڻ پاڙيسرين جي ننڊ حرام ٿي ويندي آهي ۞ هڪ تہ موسيقي ۽ ڳانا وڄائڻ جو گناهہ، مٿان وري وڏا اسپيڪر رکي اونچي آواز ۾ هلائيندا آهن، ڪنهن کي

1... الادب المفرد، صفحہ:48، حديث:119-

تڪليف پهچي، ڪنهن جي ننڊ خراب ٿئي، ڪو ويچارو بيمار آهي، ننڍڙا ٻارڙا ننڊ مان جاڳي پون، انهن ڪي ڪا پرواهه نہ هوندي آهي. ۞ ڪجهہ ماڻهو رات جي وقت گهر ۾ اهڙو ڪم شروع ڪندا آهن، جنهن سان شور پيدا ٿيندو آهي، جنهن سبب پاڙيسرين جي آرام ۽ ننڊ خراب ٿي ويندي آهي. اهڙن عملن کان بچڻ گهرجي، تہ جيئن پاڙيسرين کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ پهچي!

پڑوسی کو بھائی! نہ ہر گز ستانا | ورنہ جہنّم بنے گا ٹھکانا

## پاڙيسري جي ٻڪري کي بہ تڪليف نہ ڏيو

**مسلمانن جي امّي جان حضرت اُمّ سلمہ** رَضِیَ اللہُ عنہا فرمائين ٿيون: هڪ پاڙيسري جي ٻڪري اسان جي گهر ۾ داخِل ٿِي وئي ۽ ان ماني وات ۾ ڪنئي، جيئن تہ مان ٻڪري جي طرف وڌيس ۽ ان جي وات مان ماني ڇڪي ڪڍي. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مونکي ايئن ڪندي ڏسي ورتو ۽ فرمايو: **اي اُمّ سلمہ! ٻڪري کي تڪليف ڏيڻ توکي امان نہ ڏيندو، جو تہ اهو بہ پاڙيسري کي تِڪليف ڏيڻ کان گهٽ ناهي-**[1]

اَللہُ اَکْبَر! الله پاڪ اسان جي بزرگن تي رحمت فرمائي، اهي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون ڪهڙيون نہ عظيم مثالون قائم ڪري ويا! افسوس! اڄڪلهہ تہ اسان وٽ پاڙيسرين لاءِ اهو ئي پسند ڪيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند نہ هوندو آهي- ۞ پنهنجي گهر ۾ ڪچرو رکڻ ڪير پسند ڪندو؟ پر جڏهن ڪچرو رکڻ جي جڳهہ پري هوندي آهي، تہ پاڙيسري جي دروازي وٽ رکي ڇڏيندا آهن ۞ عورتون گهر جو فرش ڌوئينديون آهن، ظاهر آهي تہ گندو پاڻي پنهنجي صحن ۾ جمع رکڻ تہ گوارا ناهي ٿيندو، لهٰذا سجو گندو پاڻي گهٽيءَ ۾ وهائي ڇڏينديون آهن، جنهن سبب گهٽي ۾ گپَ ٿيندي آهي ۽ گذرڻ وارن کي تڪليف پهچندي آهي. ايئن ٻيون بہ ڪوڙ صورتون آهن، جتي ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪا شيءِ پسند ناهن ڪندا، پر پاڙيسرين کي اُن ۾ مبتلا ڪري رهيا هوندا آهن. ڪاش! اسان سمجهي سگهون تہ پاڙيسرين جو معاملو ڪيترو حُساس **آهي-**

1... مڪارم الاخلاق للطبرانی، صفحہ:395، حديث:239۔

| | |
|---|---|
| خیر خواہ ہم بھی پڑوسی کے بنیں | یہ کرم یا مصطفٰے فرمائیے! |
| نعمتِ اخلاق کر دیجئے عطا | یہ کرم یا مصطفٰے فرمائیے! |

الله پاڪ اسان کي سنو پاڙيسري بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (7) ستين مرحلي ۾ سچ ۽ ڪوڙ جو سوال ٿيندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! پُل صِراط جي آخري يعني ستين مرحلي تي صدق يعني سچ بابت سوال ڪيو ويندو، هتي پڇيو ويندو ته ڇا تون سچ ڳالهائيندو هئين؟ جيڪڏهن جواب ها ۾ هوندو ته پُل صِراط پار ٿي ويندو، جيڪڏهن ڀانهو ڪوڙو ٿيو ته اُتي ئي ڦاسي پوندو-[1] لهٰذا سچ ڳالهائڻ جي عادت بڻايو! هميشه سچ ڳالهايو! ڪوڙ جي خلاف پڪو پڪو اعلانِ جنگ ڪري ڇڏيو!

## ڪوڙ کان بچو

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ<br>(پارہ:17، سورۂ حج:30) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ڪوڙي ڳالھ کان اجتناب ڪيو |

## ڪوڙ جهنم ۾ وٺي ويندو آهي

حديث پاڪ ۾ آهي: سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنت ڏانهن وٺي ويندي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ فسق ۽ فجور (گناھ) آهي ۽ فسق ۽ فجور دوزخ ڏانهن وٺي ويندا آهن-[2]

بارگاھِ رسالت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهو ڪهڙو عمل آهي، جيڪو جهنم ڏانهن وٺي ويندو آهي؟ فرمايائون: ڪوڙ ڳالهائڻ، جڏهن ماڻهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته اهو گناھ ڪندو آهي ۽ جڏهن گناھ

---

1... بستان الواعظين، مجلس فى ذكر الميزان و الصراط، صفحه:94

2... مسلم، كتاب البر و الصلة و الادب، باب قبح الكذب...الخ، صفحه:1007، حديث:2607-

ڪندو آهي تہ ناشڪري ڪندو آهيءِ جڏهن ناشڪري ڪندو آهي تہ جهنم ۾ داخل ٿي ويندو آهي-[1]

هائے نافرمانیاں بدکاریاں بے باکیاں | آہ! نامے میں گناہوں کی بڑی بھرمار ہے
زِندگی کی شام ڈھلتی جارہی ہے ہائے نفس! | گرم روز و شب گناہوں کا ہی بس بازار ہے[2]

## ڪوڙ جو ڏکوئيندڙ عذاب

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خواب ۾ هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ چيائين: هل! مان ان سان گڏ هليو ويس، مون ٻہ ماڻهو ڏٺا، انهن مان هڪ بيٺو ۽ ٻيو ويٺو هو. بيٺل شخص جي هٿ ۾ هڪ لوهي اوزار هو، جيڪو ويٺل شخص جي هڪڙي ڄاڙي ۾ وجهي ان کي ڪنڌ تائين چيري ڇڏي پيو، پوءِ ڪڍي ٻئي ڄاڙي ۾ وجهي چيري ڇڏي پيو. ايتري ۾ پهرين ڄاڙي واپس پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي وڃي پئي، مون آڻڻ واري ان شخص کان پڇيو: هي ڇا آهي؟ هن چيو: هي ڪوڙو ماڻهو آهي، کيس قيامت تائين قبر ۾ اهو ئي عذاب ملندو رهندو-[3] سوچڻ جي ڳالهہ آهي! دنيا ۾ ڏاڙ جو سور برداشت نہ ڪرڻ وارو، آخرت ۾ ڄاڙيون چيرجڻ جو سور ڪيئن سهي سگهندو؟ دنيا ۾ رڳو هڪ مڇر جي چڪ هڻڻ تي بيقرار ٿيڻ وارو، ڪوڙ ڳالهائڻ جي سبب قبر جو عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهندو؟

انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ هميشہ سچ ڳالهايون، ڪوڙ کان بچندا رهون. الله پاڪ اسان سيني کي سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پُل صِراط جي باري ۾ بيان ٻڌو، خاص طور تي 7 قسم جون بُرايون آهن جيڪي پُل صِراط تي ڦاسائي سگهن ٿيون: (1) نماز نہ

1... مسند احمد، جلد:3، صفحہ:571، حديث:6800-
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:478-
3... شرح السنة للبغوی، كتاب البيوع، باب وعيد اكل الربا، جلد:5، صفحہ:39، حديث:2053-

پڙهڻ (2) امانت ۾ خيانت ڪرڻ (3) رشتيدارن سان بدسلوڪي ڪرڻ ۽ رشتا ٽوڙڻ (4) والدين جو ادب نہ ڪرڻ (5) زبان سان گناهن ڀريون ڳالهيون ڪرڻ (6) پاڙيسرين جا حق ادا نہ ڪرڻ (7) ڪوڙ ڳالهائڻ. الله پاڪ اسان سڀني کي انهن سڀني بُرائين کان محفوظ فرمائي- ڪاش! اسان پُل صِراط کان آسانيءَ سان گذريڻ ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جي صدقي جنت ۾ پهچڻ نصيب ٿي وڃي! آمين-

## پُل صِراط تي آساني جو سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابو هُريره رَضِيَ اللهُ عَنهُ کان روايت آهي، رسولِ ذي شان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحْسَنَ الصَّدَقَةَ فِي الدُّنْيَا جَازَ عَلَى الصِّرَاط جنهن دنيا ۾ چڱي طرح صدقو ڏنو، اهو پُلصِراط تان (آساني سان) گذري ويندو.[1]

جيڪڏهن اسان بہ پُل صِراط تي آساني سان گذرڻ جا خواهشمند آهيون تہ اسان کي صدقو ڏيڻ جي عادت بڻائڻي پوندي. صدقو ڏيڻ جا تمام گهڻيون فضيلتون آهن: ❁صدقو برائين جا 70 دروازا بند ڪندو آهي. ❁صدقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو. ❁ صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي. ❁ صدقو گناهن کي اهڙي طرح مٽائي ڇڏيندو آهي، جيئن پاڻي باهہ کي وسائي ڇڏيندو آهي. ❁صدقو آفتن ۽ بلائن کي روڪيندو آهي ❁صدقو عمر کي وڌائيندو آهي. ❁صدقو بُري موت ۽ بُري خاتمي کان بچائيندو آهي. ❁صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو آهي. ❁صدقو رزق ۾ وسعت ۽ مال جي گهڻائي جو سبب بڻجندو آهي. ❁صدقو غربت ۽ ناداري کي ختم ڪندو آهي.[2] غرض! صدقو ڪيترن ئي ڀلائين جا دروازا کوليندو آهي ۽ ڪيترن ئي برائين جا دروازا بند ڪندو آهي. تنهنڪري اسان کي گهڻو گهڻو صدقو ۽ خيرات ڏئي پنهنجي قبر ۽ آخرت جي بهتري جو سامان ڪرڻ گهرجي.

1... حلية الاولياء، جلد:3، صفحه:256، حديث:3874-
2... صدقے کا انعام،صفحه:17تا 19 ملتقطاً-

# عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ۞ تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (Specialization)، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً 74 هزار 887 مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريباً 4 لک 26 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهه اوسطاً 20 هزار آهي. ۞ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) (Islamic Research Center) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذمّيدارَ موجود آهن.

۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيرهہ) تي تقريباً **100** اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً **50 ملين** *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز *(Views)* جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني **100** ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪو آهي. ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف *(FGRF)* جو شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين: ۞ **34 لک 16 هزار 673** کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً **76 لک 82 هزار 958** ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ **5 هزار 566** گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ **75 هزار 721** خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين **61 هزار 667** کان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

## ليلة الجائزه (چنڊ رات) ۾ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس....!! رمضان المبارڪ اسان کان جدا ٿي رهيو آهي، ماهِ ذيشان اسان کي ڇڏي رهيو آهي، هن مُبارڪ مهيني جي هر گهڙي ئي رحمت ڀري آهي، جتي الله پاڪ اسان کي ليلةالقدر جهڙي عظيم رات عطا فرمائي اُتي هن مبارڪ مهيني جي فوراً بعد ليلة الجائزه (انعام جي رات) پڻ عطا فرمائي- ❁ هن رات الله پاڪ پنهنجي رحمتن جو نزول فرمائيندو آهي. ❁ هي مغفرت جي رات آهي- ❁ هي رات پنهنجي ربّ جي عبادت ڪرڻ جي رات آهي. جيڪو ٻانهو هن رات الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي الله پاڪ ان تي جنت واجب ڪري ڇڏيندو آهي.[1] ❁ جيڪو ٻانهو هي رات عبادت ۾ گذاري الله پاڪ ان جي دل ڪڏهن به مرده نه ڪندو-

حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو عيدالفطر ۽ عيد الاضحيٰ جي رات طلبِ ثواب لاءِ قيام ڪندو، ان ڏينهن ان جي دل نه مرندي، جنهن ڏينهن (ٻين ماڻهن جون) دليون مرده ٿي وينديون-[2] ❁تمام عاشقانِ رسول خاص طور تي اعتڪاف ڪندڙن کي گهرجي ته هي رات مسجدن ۾ اللهٰ پاڪ جي عبادت ۾ گذارين، حضرت ابراهيم نخعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائين ٿا: بزرگانِ دين اعتڪاف ڪندڙن لاءِ پسند فرمائيندا هئا ته هو عيدالفطر جي رات مسجد ۾ گذارين-[3]

## ڇهه عيد جي روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! رَمَضانُ الۡمُبارڪ کان بعد شوال المڪرم جي آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيدالفطر کان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو! انهن روزن جا فضائل ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جو هي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن کان فيضياب ٿيڻ جو ذهن ٺهجي، جيئن ته ❁ **حديث پاڪ ۾ آهي**: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ 6 شوال ۾ رکيا ته گناهن کان ايئن نڪري

---

1... الترغيب و الترهيب، كتاب العيدين، الترغيب فی احياء ليلتی العيدين، صفحه:373، حديث:2۔
2... ابن ماجه، كتاب الصيام، باب فيمن قام فی ليلتی العيدين، صفحه:284، حديث:1782۔
3... فيضان رمضان،صفحه:279، 280۔

ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[1] جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهه شوال ۾ رکيائين- ته ائين آهي جيئن دهر يعني سڄي عمر جوروز رکيو.[2] خليلِ ملّت حضرتِ علامه مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن به حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي ته متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ به روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي ته اڃان به مناسب معلوم ٿئي ٿو.[3]

الله! الله! خبر پئي ته گناهه کي معمولي سمجهڻ منافق جي نشاني آهي. افسوس! اڄ اسان وٽ ته هيءَ ڳالهه هڪ عام معمول بڻجي وئي آهي. ۞ ماڻهو گناهه ڪندا آهن. ۞ نمازون قضا ٿينديون آهن، ۞ مسجدون ويران آهن، ۞ بازارن ۾ ڪوڙ، دوکو، دغابازي عام آهي، ۞ گهر گهر ته ڇڻ سينما بڻيل آهن، ۞ فلمن، ڊرامن، موسيقي وغيره جو هر گهر ۾ راڄ آهي. ان جي باوجود اسان کي انهن گناهن جو احساس به ناهي ٿيندو. الله اسان کي سمجهه عطا فرمائي! اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## چند رات تي قافلن ۾ سفر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو مهينو هاڻي چند گهڙين جو مهمان رهجي ويو آهي ۽ جلد ئي اسان کان الوداع ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنۡ شَآءَاللهُ الۡكَرِيم! چند رات جي آمد آمد ٿيندي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! هر سال اعتڪاف جي سعادت ماڻيندڙ خوشنصيب اسلامي ڀائر ۽ ٻيا عاشقانِ رسول پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش سان سرشار ٿي، هن رات قافلن جا مسافر بڻجندا آهن. هي ڪم جيتوڻيڪ ڏکيو ضرور آهي پر ياد رکو! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ان راهه ۾ مشقتون برداشت ڪرڻ انبياء جي سنت آهي.

---

1... مجمع الزوائد، كتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحه:322، حديث:5102۔
2... مسلم، كتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحه:424، حديث: 1164۔
3... سنى بہشتى زيور ،صفحہ:347۔

۞ انبياءِ ڪرام ۞ صحابہ ڪرام ۞ نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ گهرن مان نڪرندا هئا. ۞ دور دراز علائقن تائين هليا ويا، ۞ هجرتون ڪندا ۽ ۞ مشقتون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا. ۞ اڳين جي قربانين سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي. ۞ توهان بہ چاندِ رات کان قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون. ۞ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي. ۞ سنتون سيکاريون وينديون آهن. ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ، ۞ مشڪلاتون ٽرڻ ۞ بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ سوين واقعا آهن. ۞ ايئن بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ شرڪاءِ قافلہ کي ديدار جو جام پياريو. اللّٰه پاڪ اسان عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نئين زندگي

هڪ مزدور جا گردو فيل ٿي ويا. عزيزن اسپتال ۾ داخل ڪرايو. سندس اوباش ڀاڻيجو عيادت لاءِ آيو. مامو زندگي جون آخري گهڙيون ڳڻي رهيو هو. هن جي دل پرجي آئي ۽ اکين مان ڳوڙها وهي پيا. هن ٻڌو هو تہ دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ سفر دوران دعا قبول ٿيندي آهي. جيئن تہ هو قافلي ۾ سفر تي هليو ويو ۽ خوب روئي روئي مامي جي صحت يابي لاءِ دعا ڪئي. جڏهن واپس موٽيو تہ مامو صحتياب ٿي گهر بہ اچي چڪو هو ۽ هاڻي نماز لاءِ گهر کان نڪري مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو. هي رحمت ڀريو منظر ڏسي ان نوجوان گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪئي ۽ نيڪ نمازي بڻجي ويو.

مرض گھمبیر ہو، گر چہ دِلگیر ہو | ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
غم کے بادَل چھٹیں اور خوشیاں ملیں | دل کی کلیاں کھلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”فيضانِ حديث Play Store “ ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي حديث پاڪ جون مشهور ڪتابون جيئن: ❁ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ❁ الأربَعِيْنِ النّووِيَّة اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ❁ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان حديثِ ڪريم کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعات جي اعتبار سان پنهنجي مطلوبه موضوع جو مطالعو به ڪري سگهو ٿا. ❁ سرچ آپشن جي مدد سان حديثِ مبارڪ سرچ به ڪري سگهو ٿا. ❁ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ اعراب جي بغير ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي. ❁ مطالعي جي نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي Favorite ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي. ❁ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! خود به حديثِ پاڪ جو فيضان وٺو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُختصر شرح بُخاري

مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي مختصر صحيح بخاري جي شرح بنام ضياء القاري شرح مختصر صحيح بخاري، تمام پياري شرح آهي، ان جي پهرين جلد مڪتبة المدينہ طرفان پيش ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب کي مڪتبةالمدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 1700 روپين ۾ قيمت ڏئي حاصل ڪيو! پاڻ به مطالعو ڪيو! ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي، سُنّت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## دعا ۾ گڙگڙائڻ سنت آهي

ٻه فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: (1) قبوليت جو يقين رکي ڪري دعا گهرو! بيشڪ اللّٰه پاڪ غافل دل سان گهريل دعا پوري ناهي فرمائيندو[2]. (2) اللّٰه پاڪ دعا ۾ گڙگڙائڻ وارن کي دوست رکندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! دعا ۾ گڙگڙائڻ سنت آهي. امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هميشه اللّٰه پاڪ کان دعا گهرڻ وارا ۽ دعا ۾ گهڻو گڙگڙائڻ وارا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ دعا ۾ گڙگڙائڻ سان مُراد جلد پوري ٿيندي آهي، اعليٰ حضرت جا والد، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ دعا جو ادب بيان ڪندي فرمائن ٿا: ڳوڙها ڳاڙڻ ۾ ڪوشش ڪيو، جيتوڻيڪ هڪ ئي قطرو هجي جو قبوليت جي دليل آهي، روئڻ نه اچي ته روئڻ جهڙو منهن ٺاهيو جو نيڪن جي صورت به نيڪ آهي.[4] ❁ دعا ۾ گڙگڙائڻ سان دل کي سڪون ملندو ۽ زنگ دور ٿيندو آهي. ❁ دعا ۾ گڙگڙائڻ سان ٻانهي جو اللّٰه پاڪ سان تعلق مضبوط ٿيندو آهي. ڪاش! اسان کي گهڻي دعا گهرڻ ۽ دعا ۾ گهڻو گڙگڙائڻ جي توفيق ملي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... مشكوٰة،كتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
2... ترمذی، كتاب: دَعوات، صفحہ:799، حديث:3478۔
3... شُعَبُ الْاِیْمان، باب: اللہ پاک سے اُمِّید رکھنا، جلد:2، صفحہ:38، حدیث:1108۔
4... فضائلِ دُعا، صفحہ:81۔

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| علم حاصل کر، جَہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو |
| سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد